رقيہ عامر

# شاهہ لطيف هڪ صوفي ۽ انساني حقن جو نمائندو شاعر


***Abstract:***

**Shah Abdul Latif a Sufi poet and a Representative poet of Universal Human Rights**

*Shah Latif has great importance among the Sindhi classical and Sufi poets. Latif through his poetry has descended the feelings, emotions, and culture of Sindh and its people. Shah Latif is the representative of notion of universal humanity and has encouraged others to follow the lessons of peace, friendship, patriotism, and self-recognition. His poetry reflects Tasuaf. He is undoubtedly the great philosopher and thinker of Sindh. Through his poetry he has taught the lessons of struggle, braveness, awareness and love towards all creatures of God. He has discouraged inequality of power and rules within a society.*

*The purpose of his poetry is to promote living in a society with love and brotherhood. In doing so and in explaining himself he has given examples of birds which live with equality, love and affection. Through his poetry he has emphasized on the importance of human values, rights, feelings and emotions. He has expressed his desire to see the common people prosper and also prays not only for Sindh and its people but also for the rest of world.*


سائِين سَدائين ڪَرين مٿي سنڌُ سُڪَارَ،
دوستَ مِناَ دلِدارَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

(بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر سارنگ، داستان ۴، بيت ۲۳، ۲۰۰۹ع، ص:۳۱۲)

سنڌ ڌرتي هميشہ کان صوفين جي سرزمين سڏبي رهي آهي. شاهہ لطيف جو جنم سنڌ جي صوفياڻي ماحول ۾ ٿيو. ان صوفي فڪر جي گهرائي ۽ وسعت سندس ڪلام ۾ موجود فلسفي ۾ نمايان نظر اچي ٿي. شاهہ لطيف دنيا جي حالتن جو پوري





سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪيو هو. پاڻ اوپر جي ويدانيت، ايران ۽ عراق جي صوفي مت بابت پلي پت ڄاڻ رکندڙ هو. صوفين جون صفتون سنڌ ۾ صدين کان هر عالم، پنهنجي فڪر ۽ فهم جي آڌارا تي بيان ڪيون آهن، شاهہ لطيف انهن کان بہ واقفيت رکندڙ هو. گڏوگڏ پاڻ پنهنجي دؤر جي صوفين سان رهاڻيون ۽ مباحثا بہ ڪندو هو. وسيع مشاهدي ۽ گهري اڀياس کان پوءِ صوفيءَ جي صحيح وصف ۽ تشريح ڪرڻ شاهہ لطيف ضروري سمجهي ٿو، جيڪا عام ماڻهن جي لاءِ ڄاڻ ۽ طالب ڪي ان راهہ تي هلڻ لاءِ سجاڳي ڏئي ٿي. شاهہ لطيف صوفيءَ جي جيڪا سمجهاڻي ڏيئي، صفتون سمجهائي سجاڳ ڪري ٿو، ان جو بنياد انسان جي دل ۽ ذهن جي صفائي آهي، هو ان کي صوفيءَ جي پهرين نشاني سڏي ٿو.

’صوفي‘ لفظ جي مختصر وضاحت ڪرڻ ضروري آهي، تہ جيئن شاهہ لطيف جي صوفي فڪر کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. صوفي لفظ جي اشتقاق لاءِ ڪيترين ئي سمجهاڻيون ملن ٿيون. جيئن تہ: ”صُوفي (واحد) اَصواف (جمع) صوفي (Wool). صُوفي (Woolen, Islamic Mystic, Sufi) يوناني زبان ۾ سُوف حڪمت کي چئبو آهي ۽ ان مان فليسوف يعني حڪمت جو عاشق لفظ نڪتو. فلسفياڻي تصوف جو مقصد الاهيات متعلق حڪيمانہ خيال رکي فلاسفر وانگر خشڪ زندگي اختيار ڪري انهن جي اخلاقي تعليم تي عمل ڪرڻ آهي.“(۱) صوفي جنهن جي معنيٰ ’اُنَ‘ يا ’پَشم‘ بہ ڪئي وڃي ٿي. لفظ صوفيءَ جي ٻي معنيٰ ’نجات‘، ’آزادي‘ ۽ ’صاف‘ بہ آهي. ان جي تشريح شاهہ لطيف هن طرح ڪري ٿو تہ:

صُوفِيَءَ صافُ ڪيو، ڏوئِي وَرَقُ وُجودَ جو،
تنهان پوءِ ٿِيو، جِيئري پَسَڻُ پِرينءَ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۵، بيت ۵، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۷)

شاهہ لطيف اندر جي صفائي ۽ اُجرائي انسان ذات سان محبت کي ئي سمجهي ٿو. انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم اچڻ کي صوفي جو مذهب سمجهي ٿو. صوفي اهو آهي، جنهن کي جستجو ٽڪائي نہ سگهي. صوفي جو مقصد انسانيت جو احترام، انصاف، برابري، رواداري جو پرچار ڪرڻ آهي، سهپ ۽ محبت کي صوفي پنهنجو منشور سمجهي ٿو. اهو عملي طور اهو ماڻهو ئي ڪري سگهي ٿو. جيڪو اندر جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفي هجي. لطيف جي فڪر جو اهو ئي بنياد آهي. شاهه لطيف عملي جدوجهد جو صوفي آهي. سماج ۾ طبقاتي برابريءَ جي جدوجهد ۽ قومي جدوجهد جو نظريو ڏيڻ وارو صوفي آهي. شاهه لطيف انسانيت جو علمبردار، زندگيءَ لاءِ اُتساهه ڏيندڙ ترقي پسند صوفي مفڪر آهي.

”صوفي خلقت ڪائنات جي پويان رٿا يا منصوبو پرکي ٿو. صوفي ڪائنات ۾ زندگيءَ جو مقصد ارتقائي راهه ۾ مسلسل جدوجهد ڏسي ٿو. صوفيءَ جي نزديڪ صحيح انسانيت ان کي چئجي، جو هڪ ماڻهوءَ جو ايذاءُ ٻئي کي محسوس ٿئي. صوفي مذهبن ۽ نظرين جي اختلافن کي بنيادي وحدت جي نظر سان ڏسي برداشت ۽ گڏجي گذارڻ جو سبق ڏيئي ٿو. صوفي مختلف فروعي اختلافن کي ختم ڪري، ماڻهن ۾ محبت پيدا ڪري ٿو. صوفي عشق ۽ عمل کي مذهب جو روح سمجهي ٿو. عشق هن کي اتحاد جو رستو ڏيکاري، امن تائين پهچائي ٿو. علم هن کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿو. صوفي مذهبي جهاد يا خوني انقلاب خلاف آهي. هو نفس جي جهاد کي جهاد اڪبر ڄاڻي ٿو.“[٢] تصوف جي تعليم وسيلي نفس جي پاڪيزگي اخلاقي صفات، ظاهر ۽ باطن جي ڪيفيت کي سڃاڻي سگهجي ٿو.

انسان ڌرتيءَ تي نائب مقرر ٿيو. اتي ان جي امتحان ۽ آزمائش جو مقام آهي. ان جي شرف جي سڃاڻ ’انسانيت‘ آهي. انسان کي ٻي ساري مخلوق کان، جيڪو مان ۽ مرتبو مٿانهون مليو آهي، جنهن شان ۽ شرف وارو مقام عطا ٿيو آهي، اهو انهيءَ لاءِ جو نورِالٰهي جو ذرڙو ان ۾ سمايل آهي. پر اهو ان وقت ٿي سگهي ٿو، جڏهن اهو پنهنجي نفس کي سڃاڻندو. جيئن هڪ حديث ۾ فرمايل آهي ته: ”مَن عَرَفَ نَفسهُ، فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ“[٣] جنهن انسان پنهنجي نفس کي سڃاتو، ان خود خدا کي سڃاتو. اهڙي سڃاڻپ لطيف به هن بيت ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي:

پُنهُون ٿِيَسِ پاڻِهين، وِيو سَسُئيءَ جو سِينگارُ،
”مَن عَرَفَ نَفسهُ، فَقَد عَرَفَ رَبَّهُ“، اِهوئي آچارُ،
جو وِندُرَ ۾ واپارُ، سو سَودو سرِيُس هِتَهين.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سسئي آبري، داستان ٥، بيت ٥، ٢٠٠٥ع، ص: ٣٠٤)





وَحدَہُ لاشَرِيڪَ لَہُ چَئِي، چُوندو آءُ،
فَرضَ، واجِبَ سُنَتُون، تِنِيئُون تَرڪُ مَ پاءِ،
توبَهَ سَندِي تَسبِيح، پَڙهَڻَ ساڻُ پُڄاءِ،
نانگا پنهنجي نَفسَ کي، ڪا سنئين راهَ سُونهاءِ،
تہ سَندِي دوزَخَ باهِ، تو اوڏِيائي نہ اَچي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان ١، بيت ٤، ٢٠٠٥ع، ص: ٦٦)

نفس ئي انسان جو دشمن آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي ماڻهپي مان ڪڍيو ڇڏي. ان ڪري صوفين جي چوڻ موجب، نفس کي ماري انسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واري مقام تي پهچڻو آهي. شاهه لطيف اهو عارف ۽ عرفان جو صاحب آهي، جيڪو من عرف نفسہ جي راز کان واقف آهي. ”جديد دنيا جي ڏاهن ۽ فلسفين انسان ۾شڪن شبهن جو هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ڇا ڪاڻ ته جيڪي نظريا نروار ڪيا ويا آهن. انهن جو پاڻ ۾ ئي تضاد آهي. انهيءَ ڪري هر ڪو نظريو انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائڻ ۾ ناڪام ويو آهي. يعني ان کي ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي نہ سگهيا آهن... شاهه صاحب پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ قرآن حڪيم جي ٻڌايل حقيقت ’نفس واحده‘ جو عملي تفسير معلوم ڪيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي پيغام جو بنياد انهيءَ اصول تي رکيو.“[٤]

انسان ڪير آهي، ڪٿان آيو آهي، ان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ انسان جي فطرت ۽ ماهيت، مزاج ۽ طبيعت ڪهڙي آهي؟ انهن ڳالهين تي گهري سوچ ويچار ڪري پوءِ شاهه لطيف پنهنجي فڪر جو بنياد ئي ’پاڻ سڃاڻڻ‘ تي رکيو.

شاهه لطيف انهيءَ عالمگير ۽ اهم اصول جي اهميت هن طرح ٻڌائي ٿو ته:

جو مون پَڙهيو پاڻ لَئِي، سَبَقُ سابِقَ جو،
پِهرِين سُڃاتُم پانهنجي، نَفسَ جو نِهو،
جِت عَرِفانُ اصلَ ۾، ٿي رُوحَنِ روزُ ڪِيو،
وَرِي وَرَقُ پِيو، گَڏيُمِ وَڏُ وِصالَ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سر يمن ڪلياڻ، داستان ٥، بيت ٢٥، ٢٠٠٥ع، ص: ١١١)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف کي اها ڄاڻ هئي ته ماڻهو ڀريائين انسان شناس ٿيندو. تنهن ڪان پوءِ ئي خدا شناس ٿي سگهي ٿو. لطيف انسان کي خدا شناسي ۽ معرفتِ نفس تي ان لاءِ زور ڏنو آهي، ته خدا شناسي ئي انسان کي اها راه فراهم ڪري ٿي، جيڪا ان کي خدا تائين پهچائي ڇڏي، تڏهن ئي معرفتِ الاهي ڪيس نصيب ٿيندي. جڏهن انسان خدا شناس ٿيندو ان ڪان پوءِ ان ۾ انسان دوستيءَ جو جذبو پيدا ٿيندو، ۽ هو انسان شناس ٿيندو.

”جڏهن ته صوفي ازم (تصوف) انسان ۾ جيڪو ڀريون سوال اُڀاري ٿو سو اهو آهي ته ’مان ڪير آهيان؟‘ هن ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ سموري انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته هر فرد اهو ڄاڻي ته هو ’پاڻ ڇا آهي؟‘. ان لاءِ سيني صوفين انسان کي اهو پيغام ڏنو ته ’پنهنجو پاڻ سڃاڻ‘. ان ڪانپوءِ ٻيو مرحلو اچي ٿو زندگيءَ جو مقصد، پاڻ سڃاڻپ ڪان پوءِ، ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رشتو مضبوط ٿئي ٿو، ۽ انسان پنهنجي زندگيءَ جي سبب ۽ ڪائنات جي تخليق جو سبب ڄاڻي ٿو.

اهڙيءَ ريت جڏهن انسان ڪائنات اندر پنهنجي تخليقي درجي ۽ تخليقي سبب يا مقصد ڪان واقف ٿئي ٿو ته پوءِ هن جي اندر عمل جي قوت پيدا ٿئي ٿي، جيڪا ڪيس محبت سيکاري ٿي. انهن سيني شين سان جيڪي انسانيت جي ڀلي ۽ ڪائنات جي بهتريءَ لاءِ آهن، ۽ ائين سندس دل ۾ بغاوت پيدا ٿيندي آهي. انهن سيني شين خلاف، جيڪي انسانيت، محبت، عدل ۽ انصاف جي نفي ڪن ٿيون. صوفي ازم جا حقيقي بنيادي نقطا هيءُ آهن. سچائي، علم، عشق ۽ بغاوت. سچو صوفي هميشه حق جي ڳولا ۾ رهي ٿو. عشق سندس رهنمائي هجي ٿو ۽ بغاوت هن جي اظهار جو ذريعو بنجي ٿو.“(۵)

اهڙن صوفين وٽ اها بغاوت هڪ نئين انسان جي تعمير لاءِ هوندي آهي. صوفي اڳرائي بدران محبت جي ميناج سان سماج ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ نئين انسان جي تخليق ڪندا آهن. اهو انسان جنهن جو ڪم خدائي مخلوق جي رضاڪارانه طور تي انسانيت جي ڀلائي، امن ۽ سماج ۾ ترقيءَ جي لاءِ جدوجهد هوندي آهي، جنهن ۾ ان جي ذاتي شخصي لذت، مطلب پرستي، غرض، لوڀ ۽ لالچ نه هوندي آهي. ان جي ايثار ۽ قرباني، محنت ۽ جاکوڙ سوچ ۽ لوچ جو مقصد صرف ان نئين انسان جي تخليق ۽ تربيت هوندو آهي. جيڪي سماج ۾ اهنجن بدران سهنج، بُرائيءَ بدران ڀلائي ۽





ناانصافيءَ خلاف عدل ۽ انصاف، نفرت جي جاءِ تي محبت جهڙي منظم پروگرام کي کڻي ان جي بنياد تي انسانيت جي نئين اڏاوت ڪري ٿو.

شاهه لطيف دنيا جو اهو واحد صوفي آهي، جنهن ان منشور تي نئين انسان جي تربيت ۽ تخليق جي سڄاڳيءَ لاءِ تصوف کي شاعريءَ ۾ بنيادي پليٽ فارم بڻايو، جنهن ۾ ان جي رهنمائي عشق ڪري ٿو. شاهه لطيف عاشق ۽ انسان جي عشق جو ڄاڻو آهي، جنهن انسان کي پاڻ سڃاڻڻ جي سڄاڳي ڏني.

”لطيف جڏهن دل کولي تصوف ۾ داخل ٿيو ته مڪمل وجدان ۽ وحدت الوجوديءَ فلسفي ۾ رڱجي پاڻ کي گيڙو رتو ٻڌائي ڇڏيائين. ڪجهه سال جوڳين ۽ يوڳين سان گهاري پاڻ کي ان عشق ۾ رڱيائين، جنهن عشق ڪڏهن به جبر جي حمايت ناهي ڪئي. جنهن عشق مذهب جي آڙ ۾ انسانن جي ڪنهن به قاتل کي چڱو مڙس ۽ معتبر ناهي مڃيو. جنهن عشق مذهب انسانيت کي اصل مذهب قرار ڏنو آهي. ايشيا ۾ تلوار ڇُري ۽ سازش ڇا ڇا ڪيو هو؟ لطيف کي سچي سُڌ هئي! لطيف سچ کي ڄاڻي صوفي ازم ۾ ٽُٻي هنئي هئي. لطيف جو تصوف وجد ۾ عشق جو تصوف آهي. لطيف پنهنجي وجد مان ئي صوفيءَ جو نظريو پيش ڪيو آهي. ته صوفي ڇا آهي ۽ ڇاهڻ گهرجي؟“(٦)

صُوفِي ڇائين، سَڏَ ڪرين، صُوفِينِ اِيءَ نه صَلاحَ،
ڪاتي رَڪُ ڪُلاهَ، وِجهُ اُجَلي آڳ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سر يمن ڪلياڻ، داستان ۵، بيت ٦، ۲۰۰۵ع، ص: ۱۰۷)

صوفي جي دل ۾ تڪبر ۽ وڏائي نه هوندي آهي. اهو دل ۾ انهن کي جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. اهو صوفي نه ٿو ٿي سگهي، جيڪو پاڻ کي اتم سمجهي، سماج ۾ نفاق جو ٻج ڇٽي ٿو. صوفي انسان شناس ۽ انسان دوست ٿيندو آهي. اهو ڪٽرپڻي جو قائل نه پر محبت ۽ عشق جو امام ٿي اڀري ٿو، جيڪو صوفي ازم ۾ نئون روح ڦوڪي، روايتن ڪان هٽي، روحانيت ۽ عشق جو نئون ٻج ڇٽي ٿو.

اسلامي تصوف ۾ منزل تائين رسڻ جا چار درجا ٻڌايا وڃن ٿا:

(۱) شريعت، (۲) طريقت، (۳) حقيقت ۽ (۴) معرفت.

انهن مان ڀريون ڏاڪو آهي شريعت: جنهن مان مراد آهي، انسان کي پنهنجي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دين مطابق عمل ڪندي شريعت مطابق زندگي گذارڻ گهرجي. مثال طور: طهارت يا پاڪائي هڪ شرعي حڪم آهي.

**تصوف جي ٻي منزل آهي طريقت:** طريقت مان مراد آهي ته انسان، پنهنجي مُرشد جي ڏسيل طريقي موجب شرعي احڪامن تي عمل ڪندي زندگي گذاري. مثال طور: پاڪائي ته شرعي حڪم آهي، پر پاڪائي حاصل ڪيئن ڪجي ان جو طريقو مرشد طريقت موجب ٻڌائيندو.

**تصوف جي ٽئين منزل آهي حقيقت:** مُرشد جي ڏسيل طريقي موجب شرعي احڪامن تي عمل ڪندي جڏهن اُن جا اثر انسان جي دل ۽ دماغ تي مڪمل طور حاوي ٿين ۽ يقين جي دولت حاصل ٿي ته اُن ڪي حقيقت چئبو آهي. جنهن مان مراد آهي، خيال جي روشني، جنهن مان حق جي سڃاڻپ ٿئي ۽ ان حقيقت جي روشنيءَ مان لنگهي فنا ۽ بقا جي ضد ڪي ڇڏي پنهنجي رب جي رضا حاصل ڪري.

**تصوف چوٿين منزل آهي معرفت:** معرفت سان مراد آهي الله جي سڃاڻپ يا 'عرفان' حاصل ٿيڻ واري واٽ يعني معرفت ڪي ماڻڻ آهي ۽ اها ئي معرفت هڪ سالڪ جو اصل مرڪ آهي. غرور ۽ تڪبر ڪي دل ۽ دماغ مان ڪڍي، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ئي انسانيت جي اصل منزل آهي. جيستائين انسان جي اندر ۾ ' آءٌ ' ۽ انا جو عنصر موجود آهي. اهو ماڻهو منزلِ مقصود ڪان محروم رهي ٿو. اهو هُن پار، يعني ڪاميابيءَ جي راهه ڪان رهجيو وڃي. لطيف اها سڄاڳي ڏيندي سيڪاري ٿو:

> 'آئون' سين اَنَ پارِ، ڪَڏهن تان ڪونہ ٿيو،
> 'اِنَّ اللهُ وِترُ يُحِبُ الوِترَ'، نيئِي ٻيائِي ٻارِ،
> هيڪَڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُئڻَ جُون.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سر آسا، داستان ۱، بيت ۲، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۰۵)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڊر مٿيئن بيت جي تشريح هن طرح ڪئي آهي: "جنهن انسان ۾ 'مان' موجود آهي. اهو هن پار يعني خداوند ڪريم جو ديدار نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته 'مان' جي تصور سان ٻيائي يا دوئيءَ جو عنصر پيدا ٿئي ٿو. ان ڪري اهو خدا ڪي پسند ناهي. هن بيت ۾ حديث شريف جي حوالي سان شاهه لطيف اهو سمجهائڻ گهريو آهي ته خدا ڪي اڪيلائي پسند آهي. يعني 'وجودِ واحد' سندس ذات





باري تعاليٰ آهي، جنهن جي ڪري ڪيس اهو وجود پسند ڪونهي. جنهن ۾ ٻيائيءَ جو تصور هجي."[۷] انسان ڪي پاڻ ۾ تڪبر واري تسبيح ڪي پوري پيچي ڇڏڻو آهي. 'مان' ۽ 'مون' صرف خدا تعاليٰ ڪي ئي جڳائي ٿو. هن هيٺئين بيت ۾ شاهه لطيف چئي ٿو:

> 'مُون' مونهين ۾ سَپَجي، مُون ڪي 'مُون' جُڳاءِ،
> مونهين مَنجهان مُون ٿِئي، مونهين جي ساجاءِ،
> ڪِجڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پَنڌڙو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سر آسا، داستان ۴، بيت ۳۳، ۲۰۰۵ع، ص:۷۲۰)

محبت ڪانسواءِ خدا تعاليٰ ڪي سمجهڻ ناممڪن آهي. اهو شاهه لطيف جو ذاتي تجربو آهي. شاهه لطيف عملي طور صوفيءَ وارو اهو ڪردار ادا ڪيو، ان ڪري شاهه لطيف جي نظر ۾، صوفي ذاتي مفاد پرستي جو نه پر اجتماعيت ۽ اتحاد، امن ۽ عشق جو قائل آهي. صوفي هميشہ ورهائڻ جي حق ۾ آهي، ونڻ هن جي منشور ۾ شامل نہ آهي. صوفي نفرت جي نفاق ڪي مٽائي محبت واري ماحول ڪي سماج ۾ اُڀارڻ جي جدوجهد ڪري ٿو. صوفي ان سازش جي خلاف بغاوت ڪري ٿو. جيڪا پوري انسانيت جي قتل جو سبب بڻجي. صوفي سهپ جي پيداوار آهي. صوفي جي سموري جدوجهد دنيا ڪي محبت ۽ امن جو گهر بنائڻ لاءِ آهي. صوفي سماج ۾ صاف ماحول جي اوسر لاءِ مسلسل محنت ۽ جاکوڙ ڪري ٿو.

صوفيءَ جو اصل مقصد جُز مان ڪل ڪي ڳولهي لهڻ آهي. وحدت الوجودي صوفي ڪثرت لفظ منتشر ٿيڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪن ٿا. وحدت ڪي اتحاد جي نالي ۾ آڻين ٿا. جنهن جو مقصد انسان جو جُز ساڳيو سمجهن ٿا. سچو صوفي پنهنجو نظريو ٻين جي مٿان مڙهڻ خلاف آهي. اهو عوام تي بادشاهيءَ جا خواب نه ٿو ڏسي، صوفي انساني غلاميءَ ڪي قبول نہ ٿو ڪري، سماج ۾ عوام جي حق ۽ آزاديءَ لاءِ اهڙو آواز بلند ڪري سيني سان بغاوت ڪري ٿو.

> جيئن جيئن جَهلي جَڳُ، تيئن تيئن مُون تاڪِيدُ ٿئي،
> ڳهريو تو ڳالهيون ڪَري، وهُسي پُٽو وَڳُ،
> لوڪُ لَتاڙي نِندَ ۾، پُنِي لالَنَ لَڳُ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آرِيـاڻِـي اورَڳ، يَـنـيـوران بَـهَـرِ تـي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو سالو‘، سرحسيني، داستان ١٢، بيت ١٧، ٢٠٠٥ع، ص:٤٨٧)

جڏهن ماڻهو گهڻن رستن جا مسافر بڻجن ٿا، انهن جي رهنمائيءَ لاءِ ڪوڙا مفاد پرست رهبر انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پنهنجو اقتدار مضبوط ڪن ٿا. اهي عام انسانن جي حقن جا لٽيرا بڻجن ٿا. منتشر ماڻهو پاڻ سڃاڻڻ کان انڪاري ٿي، ڪنهن نہ ڪنهن جي مداخلت ۾ پنهنجي حق جي نفيءَ جو سبب بڻجي ٿو. اهڙو ماڻهو پاڻ سان گڏ ٻين جي لاءِ بہ مشڪلاتن ۽ مصيبتن جو سبب تہ بڻجي ٿو پر سماج جي ترقي ۽ امن ۾ رنڊڪ ۽ انتشار جو سبب پڻ بڻجي ٿو. جيڪو ماڻهو اتحاد ۽ امن واري وحدت جي نظريي کان واقف آهي، اهڙو انسان پهرين پاڻ سڃاڻڻ جي جدوجهد ڪري ٿو. جنهن پاڻ سڃاتو ان اصل سچ کي سڃاتو. اهو آفاقي نقطو صوفي ازم جو منشور آهي. جڏهن تضاد ختم ٿيندو تہ اتان ئي انسانيت پيدا ٿئي ٿي. اهڙي سڃاڳيءَ واري پيغام کي عام ڪرڻ وارو اصل سچو صوفي آهي. شاھ لطيف ان جو اڳواڻ ٿي آگاهي ڏيندي چوي ٿو:

جي ڪُلاھَ رَکين ڪَنڌَ تي، تہ صوفِي سالِمُ ٿِيءُ،
وھَ وَٺي هَٿِ ڪَري، پُر پيالو پِيءُ.
هَنڌُ تَنِين جو هِيءُ، جَن حاصُلُ ڪِيو حالَ کي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سر يمن ڪلياڻ، داستان ٥، بيت ٧، ٢٠٠٥ع، ص:١٠٧)

لطيف ان کي صوفي سمجهي ٿو، جيڪو انتها پسنديءَ کان آجو هجي. صوفي مذهب جي نالي ٿيندڙ ويڙھ کي ختم ڪري سگهي ٿو. صوفي ازم هر عقيدي ۽ نظريي جو احترام ڪيو آهي. سڀني جو غم ۽ خوشيون اجتماعي طور قبول ڪيون وڃن. هڪٻئي کي محبت جي نظر سان ڏٺو وڃي. هڪٻئي جي ڏک سُک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ ئي اصل انسانيت آهي. جيڪا لطيف جي اوڪو ٻيو فهم واري فڪر جي تشريح آهي.

دنيا جي هر عظيم صوفي اهو ڄاڻڻ ڪانپوءِ ئي صوفي ازم جي پرچار عام ڪئي آهي. تہ دنيا ۾ ’ڊپ ۽ لالچ‘ جي ڪري نظريا قائم ٿيا آهن. حڪمرانن جي ڏاڍ کان بچڻ ۽ پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ ماڻهن مذهب ۽ مختلف نظرين کي پنهنجي





فائدي لاءِ استعمال پئي ڪيو آهي. ان ڪري اها صورتحال ڏسي صوفين محسوس ڪيو تہ سماج ۾ تبديلي صرف صوفي ازم ذريعي ئي آڻي سگهجي ٿي.

سُرمُـو سُفِـيـدِيءَ جـو، جَـڏِهـن پـاتـو جَـنِ،
تَـڏِهـن ڏِٺِـي تَـنِ، اَجـائِـي عـالَـمَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سر آسا، داستان ٤، بيت ٢٢، ٢٠٠٥ع، ص: ٧٢٥)

عالم جي اجائي اهي ڏسي سگهن ٿا، جيڪي انسانيت جي علم جي سڃاڻ رکن ٿا. انسان دوستيءَ جي روين کان واقف آهن. جيڪي پوري انسان ذات کي هڪ جسم سمجهن ٿا. صوفي ڪنهن محدود دائري ۾ پاڻ کي نظر بند نہ ٿا رکن پر اهي عالم ۾ اجائي ڏسڻ لاءِ سڀني مذهبن عقيدن علمن سائنس ۽ فلسفي مان بنيادي وحدت ۽ صداقت جي کوجنا ڪندڙ آهن. انفراديت، انسانيت کي ڀاڱا ڪري ڇڏي ٿي. حسد، ساڙ، ڪينو ۽ بغض دشمني انهيءَ انفراديت جي پيداوار آهي. جنهن ڪري اڄ دنيا ۾ سمورو سماج انتشار جو شڪار آهي، هر ملڪ فسادن ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿو. هڪ قوم ٻي قوم جي ۽ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ جو دشمن بڻجي ويو آهي. جنهن ۾ انسان جو انسان مان ويساھ ختم ٿيڻ، دنيا ۾ مسلسل جنگين سبب انسان جي وجود جو فنا ٿيڻ، عالم ۾ آباديءَ جي تحفظ ۽ بقا جو مسئلو بہ ان ڪري آهي. انساني حقن جي لتاڙ، سنڌ جي تهذيب تي صدين کان جبر ۽ ڏاڍ سان ماڻهن ۾ احساس محرومي ۽ وهمن جو وڌڻ. اقتصادي بحران سبب غريب پورهيت پرماريت جو شڪار آهي. لطيف سچي صوفي جي حيثيت ۾ ان حقيقت جي سڃاڳي ڏني آهي تہ سموري انسان ذات هڪ وجود مثل آهي. اهڙو عالمگير انسان دوستيءَ جو نظريو، لطيف ڏيندي سجاڳ ڪري ٿو تہ:

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مون،
مون ۾ آهِين تون، مَتان تنهنجوئِي توکي لڳي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٦، بيت ١٠، ٢٠٠٥ع،ص: ١١٧)

شاھ لطيف عملي صوفي هو. راهبانا صوفيءَ کي فقط تمثيل طور پيش ڪري ٿو. شاھ لطيف وجودي صوفي شاعر ۽ ڏاهو هو. پر تصوف جي ان مسلڪ جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قائل نہ هو. جيڪو انسان کي تارڪ الدنيا بڻائي ڇڏي. شاهہ لطيف ان جي مقابلي ۾ زندگيءَ جي حاصلات جي سجاڳي ڏني آهي. شاهہ لطيف، انسان کي دنيا کان ڪٽجي مراقبي ۾ هڪ ڪُنڊ ۾ ويهي خدا کي ڳولهڻ يا حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ٿو چوي، شاهہ لطيف پنهنجي سماج ۾ سجاڳ رهي آس پاس جي ماحول جو اڀياس ڪندو رهيو. شاهہ لطيف جدوجهد کي وڏي اهميت ڏني آهي، هو جاکوڙ ۽ جستجوءَ جو حامي صوفي آهي. جدوجهد ئي انسان جي منزلِ مقصود تي پهچڻ جو سبب آهي. شاهہ لطيف جي نظر ۾ 'ترڪُ، گوشانشيني يا فراريت' جي بجاءِ 'طلب' يا مقصد جي حاصلات لاءِ هٺ پير هڻڻ ۽ مثبت، متحرڪ عمل جي ذريعي انساني زندگيءَ جي بهتري لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جو درس ڏيئي ٿو. جنهن وسيلي پوري انسان ذات کي نااميدي ۽ نراسائيءَ مان نڪرڻ، آس ۽ اميد جي روشن راهن تي آڻڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۽ جاکوڙ کي تصوف جي پيغام سان سجاڳ ڪري ٿو.

تصوف مذهب جو روح ۽ جوهر آهي. جنهن جو مقصد انسان جي عملي تربيت ڪري، سماج ۾ هڪ رضاڪار خدمتِ خلق، اعليٰ اخلاق ۽ محبت جي سجاڳي ڏيڻ آهي. شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾مذهبي فلسفي، تصوف، ويدانتي رمزن ۽ قدرتي اسرارن کي، مادري زبان ۾ ان لاءِ بيان ڪيو تہ جئين اهي غريب ۽ بي پهچ ماڻهو ان مان لاڀ پرائي سگهن.

شاهہ لطيف پنهنجو فڪر ۽ فلسفو، شاعريءَ وسيلي ڏنو. جنهن سان سماج ۾ موجود انساني اڻ برابري، ۽ انسان جوهر طريقي سان پرماريت ڪندڙن کي وائکو ڪيو، گڏوگڏ مستقبل لاءِ پڻ راهہ ڏيکاريندڙ، سونهون رهبر ۽ رهنما ٿي، انسان جي حقن جي حاصلات لاءِ جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي آهي. شاهہ لطيف جو مقصد ماڻهن کي محبت ۽ امن سان سماج ۾ رهڻ لاءِ پڪين جي پريت جا مثال ڏئي ٿو. جنهن سان محبت ۽ همدرديءَ جو سبق سيکارڻ گهري ٿو، جيڪو انسانيت جي سڃاڻپ آهي. اتحاد ئي قومن جي بقا جو ضامن، سماج جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو سبب آهي.

وَڳَرَ ڪِيو وَتَنِ، پِرتِ نَہ ڇِنَنِ پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيَئڙَنِ، ماڙُهِنئان مِيٺُ گهڻو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر ڏهر، داستان ۴، بيت ۵، ۲۰۰۵ع، ص: ۸۸۲)





شاهہ لطيف رڳو علمي ۽ نظرياتي صوفي نہ آهي، پر عملي صوفي آهي. شاهہ لطيف پنهنجي قول، فعل ۽ ڪلام جي ذريعي تصوف واري فڪر کي وسعت بخشي عام ڪيو آهي. مسرت حسين شاهہ لکي ٿو: "پيڙهيل عوام جو ساڻاري شاعر آهي. هو سماج ۾ جدوجهد ۽ مزاحمت جي تحريڪ جو ساٿ ڏئي ٿو. ۽ آدرشي ڪردار تخليق ڪري سماج آڏو (رُڪ جي ديوار ڪري) بيهاري ٿو."(۸)

انهن ڪردارن جي عزم واري حوصلي، مستقل مزاجي، مسلسل جدوجهد وسيلي عوام ۾ قومي شعور اڀاريو. شاهہ لطيف صوفي هجڻ ڪري سماج ۾ انسان جي بنيادي حقن لاءِ تبليغ ڪئي. جنهن لاءِ هن سماج ۾ پرماريت جو شڪار ٿيندڙ اهڙا ڪردار دنيا آڏو آندا آهن. جيڪي سماج جي نظر ۾ ڪمتر، ڪمزور ۽ هيٺان آهن.

اهو ئي سبب آهي جو "شاهہ لطيف جي سموري شاعري ڳولا ۽ جستجو جي شاعري آهي. پنهنجي مسلڪ جي بيان لاءِ هن جيڪي بہ ڪردار چونڊيا آهن، انهن جي خصوصيت مان بہ زندگي بابت، هن جي نقط نگاهہ جو پتو پوي ٿو."(۹)

شاهہ لطيف سماج ۾ جدوجهد ۽ مزاحمت جي تحريڪ جو ساٿ ڏيندي، آدرشي ڪردار تخليق ڪري، سماج ۾ اهڙي عمل کي متعارف ڪرائي ٿو. جيڪي همت ۽ حوصلي، عزم ۽ مسلسل جدوجهد جي علامت آهن. جنهن وسيلي شاهہ لطيف صوفيءَ جي ڪردار کي سماج ۾ آئيڊيل ڪري، عوام ۾ سجاڳيءَ جو قومي شعور ڏنو آهي.

شاهہ لطيف خاص طور تي، عورتن جا ڪردار وڏي اهميت وارا سمجهيا آهن. جنهن ڪري. هن جا ڪردار گهڻو تڻو عورتاڻا آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر هن عورتن جا ڪردار ئي ڇو چونڊيا آهن؟ " سندس تصوف 'ترڪ' جو سبق نٿو ڏئي. هو 'طلب' جو طالب آهي. ۽ طلب لاءِ عمل ۽ مسلسل عمل جي ضرورت هوندي آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ عورتاڻا ڪردار وڌيڪ فعال ۽ متحرڪ آهن، ٻيو سبب هي آهي تہ اسان جي سماج ۾ عورت جبر ۽ محروميءَ جي علامت آهي ۽ ٿيون ۽ سڀ کان وڏو سبب هي آهي تہ احساس جي شدت جي باوجود، عورت، زندگيءَ کي سمورن عذابن سميت قبول ڪرڻ جو استعارو آهي."(۱۰)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن استعارن ۽ علامتن جي ذريعي، شاهه لطيف تصوف جي حقيقت کي هڪ نئون موڙ ڏيئي، تصوف جي فڪر ۾ نئون روح ڦوڪيو. ان سان عام ماڻهن ۾ سجاڳي ۽ جدوجهد جو قومي شعور اڀاريو آهي. شاهه لطيف نظرياتي طرح سان سماج کي ڳنڍڻ جو شعور ڏئي ٿو. هڪ گڏيل جدوجهد لاءِ اُتساهي ٿو. جيڪا انسانيت جي بنياد تي ڪئي وڃي. عالم جي خوشحالي جا خواب ٿو ڏسي. سندس شاعريءَ ۾ ”ظلم جي نفي، گڏيل ويڙهه، پائيچارو، پراميدي، پيار، قرباني، خود تنقيدي، لاڳيتي محنت، متڀيد کان انڪار، تلاش، پرچار، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جا ماڻهو گڏيل پوڳنا، تبديلي، حاڪم ۽ رعيت جي وچ ۾ ويڇن کان نفي يا سياسي شراڪت، احتساب، امن، بين الاقواميت، محصولن کان آجو سرشتو.“[۱۱] پورهيي ۽ سونهن جي حقيقت ۾ شاهه لطيف پورهيت جي حق لاءِ آواز بڻجي پوي ٿو. نوريءَ جي نياز ۽ نماڻائيءَ سان محصولن جي معاف ڪرڻ جي گهر ڪري ٿو.

تُون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آئُون گَندِري غَرِيبِ،
توسين جامَ! قَرِيبِ، ڪِي ڏُنُ چَڏائِي ڏيج مُون.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪاموڏ، داستان ۱، بيت ۷، ۲۰۰۵ع، ص: ۶۲۱)

شاهه لطيف ڪٿي به مذهبي جنونيت جو قائل نظر نه ٿو اچي. شاهه لطيف اهڙي سياسي ۽ مذهبي تعصب ۽ تنگ نظريءَ واري ماحول ۾ پيدا ٿيو هو، جتي جاگيردار، حاڪم ۽ ملان سڀ گڏجي، غريبن جي حقن جو استحصال ڪري رهيا هئا. جنهن ڪري شاهه لطيف مذهبي متڀيد جي خلاف هو. وٽس پُر امن گڏيل سماج جو تصور ملي ٿو.

شاهه لطيف جي نظر نه رڳو پنهنجي دؤر جي تاريخ ۽ سماج تي هئي، پر انهن ڳجهن محرڪن تي به هئي، جيڪي تاريخ جي وهڪري جو رُخ طئي ڪندا آهن ۽ سماج جي اجتماعي روح کي آهستي آهستي پنهنجي قالب ۾ سمائي ويندا آهن. مغل سلطنت جو زوال نادر شاهه درانيءَ جي حملي، يورپي قومن جي مداخلت ۽ مقامي حاڪمن جي گهرو لڙائين، لطيف جي دؤر کي هڪ چوماسي طوفان جي آڌو آٽي بيهاريو هو. هن کي پڪ هئي ته هاڻي اهو طوفان تهذيب، تمدن ۽ تاريخ جي هر روايت کي پنهنجي وڪڙ ۾





آٽي چڙهيندو. جو وري ڪو ذرڙو به هٿ نه اچي سگهندو. ظاهري حقيقت جي اها پڇ ڏاهه ٿي سگهي ٿو ته، باطني حقيقت کي به پڇي پورا ڪري وجهي. شاهه لطيف روح جي دنيا کي روشن ڪري چڙهيو ۽ اوندهه ۾ هٿوراڙيون هڻندڙ جسمن کي تصوف جي وسيلي ڄاڻ حڪمت جي سوجهري ۾روني آيو. صوفي جي سوجهري ۾ لطيف هڪ اهڙي ڪردار کي ڪٽي اچي ٿو. جيڪو قديم روايتن جي پاسداريءَ، ملڪ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جي سجاڳيءَ لاءِ آواز جو ذريعو آهي.

## مارئي:

شاهه لطيف جي اهڙي اڏول سورمي آهي. جيڪا وقت جي حاڪم جي هر آڇ کي تڇ سمجهي ٿڏي ٿي ڇڏي. پنهنجي حق جي بي حرمتيءَ تي بادشاهه جي سامهون مهاڏو اٽڪائي ٿي، پر پنهنجي حق تان هٿ نه ٿي کڻي هار نه ٿي مڃي. مارئي اهو ثابت ڪيو ته عزت ۽ غيرت رڳو مردن يا جاگيردارن، وڏيرن بادشاهن جي ميراث نه آهي. اها عورت ۾ راوس ٿئي ٿي. مارئي ان جو مثال آهي. مارئي عمر کي وڏي بهادريءَ سان مخاطب ٿي چوي ٿي.

عُمَرَ! اَچا ڪَپِڙا، ڪاڻِيارِيُون ڪيئن ڪَنِ،
جَنِين جا تَرَنِ ۾، وَرَ تا ويڻَ سَهَنِ،
هُوءِ جي حقَ پچَنّ، سي ڪيئن سَتِيُون سُومَرا.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر مارئي، داستان ۳، بيت ۱۲، ۲۰۰۵ع، ص:۵۶۸)

سر مارئيءَ جي فلسفي ۾مارئي جو سيل ست، سندس پاڪائي ۽ پوترتا سندس سڀ کان وڏيڪ سارا اهيل گڻ آهي، جنهن جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ هوءَ نه صرف پاڻ تي پهرا ٿي وجهي، بلڪ هر سُک پاڻ تي حرام ٿي ڪري ۽ عمر کي به اهڙو ڪو قدم نٿي کڻڻ ڏئي. بس اهو ئي اونو هئس.

جِهَڙِي آيَسِ جيئَنِ، تِهَڙِي وڃان تَنِ ڏي،
”قِران قُرِ چارِيان“، هنيُون چَئيمِ هِيئَنِ،
وَڃان ڪِيئَن وَطَنَ ڏي، ڪاڻِ لَهَندِيَمِ ڪِيئَن!



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مُنداڻتي مِينهن، سُونهان سَرتِيَن وچَ ۾.

(بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'شاهه جو رسالو'، سر مارئي، داستان ۵، بيت ۲، ۲۰۰۹ع، ص:۳۵۹)

شاهه لطيف انسان جي پاڪائيءَ کي وڏيڪ اهميت ڏئي ٿو. ان ڪري مارئيءَ جي ڪردار ۾ انسان جي اعليٰ پاڪ ست ۽ غيرت واري گڻ جي سجاڳي ڏئي ٿو. هن کي دنيا جو ڪو سک نٿو ھرڪائي، ڪا لالچ نٿي جهڪائي، ڪو ڊپ نٿو ڊيڄاري. غريبيءَ ۾ گڻ گهٽا اٿس، عصمت ۽ پاڪائي سندس خوبي آهي ۽ پنهنجن اباڻن لاءِ مثالي محبت اٿس. اباڻن کي پسڻ لاءِ اکيون سندن طرفان موڪليل ڪنهن قاصد، ڪنهن اوٺيءَ جي پيرن جي پٽي چمڻ لاءِ بہ تيار آهن. ۽ وطن جي مٽي کي کهه، ڪتوري ٿي پائيائين. ڪوٽين گهاري ڪير، محلن منجهي مون هنيون. اهڙي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ هوندي بہ مارئي وقت جي حاڪم سان مخاطب آهي:

جي لُونءُ لِڱَنِ لائِيين، چِيري چِيري چَمُ،
مون ڪُرَ اڳي نہ ڪِئو، اِهڙو ڪوجهو ڪَمُ،
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پِرتِ پَنهوارَ سان.

(بلوچ، نبي بخش خان، 'شاهه جو رسالو'، سُر مارئي، داستان ۹، بيت ۱۲، ۲۰۰۹ع، ص:۳۷۱)

اهو جواب پنهنجي مفهوم ۾ انساني عظمت ۽ حوصلي منديءَ جو شاهڪار مثال آهي، جنهن ۾ هڪ عام ڇوڪري جيڪا ڪنهن بہ نظرياتي تعليم کان واقف ناهي، وقت جي جابر ۽ وحشي حاڪم جي اکين ۾ اکيون ملائي، وڏي واڪي چوي ٿي تہ "تون! جسماني عذاب جا سمورا طريقا منهنجي ڪمزور جسم تي آزمائي ڏس. منهنجي جسم کي ڇهڪَ ڏيئي ان ۾ لوڻ ٻرڪي ڇڏ. پوءِ بہ آءٌ وڏي اعتماد ۽ حوصلي سان پنهنجي ارادي ۽ همت سان چوان ٿي تہ جيستائين منهنجي جسم ۾ ساهه هوندو، ان وقت تائين منهنجي ارادي ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ ايندو ۽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ پنهوار جي پريت جي جيڪا جوت جلي رهي آهي، سا جهڪي ۽ جهيٽي نہ ٿيندي. منهنجي دل کي ڪو بہ لوڏو نہ ايندو. چو تہ جبر اڳيان جهڪڻ اسان جي روايت ۾ بنهہ ڪڏو ۽ ڪوجهو ڪم آهي ۽ منهنجي پيڙهيءَ مان ڪنهن بہ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪُڏو ڪم نہ ڪيو





آهي.... تہ پوءِ آءٌ ڪيئن اهڙو ڪوجهو ڪم ڪندس؟ تون بيشڪ منهنجو جسم ختم ڪري سگهين ٿو. پر منهنجي ارادي ۽ پاڪ روح کي ذلت آميز آڻ مڃڻ تي مجبور نہ ٿو ڪري سگهين."[12] ان ڪري لطيف مارئيءَ جي زباني سجاڳيءَ جو سڏ ڏيندي سمجهائي ٿو تہ:

ايءَ نہ مارُن رِيتِ، جِئن سيڻَ مَٽائن سونَ تي،
اَچي عُمرڪوٽَ ۾، ڪَنديس ڪانہ ڪُريتِ،
پَکَن جِي پِريتِ، ماڙِيءَ سين نہ مَٽِيان.

(بلوچ، نبي بخش خان، 'شاهه جو رسالو'، سُر مارئي، داستان ۹، بيت ۱۳، ۲۰۰۹ع، ص:۳۷۱)

"جتي مارئي انساني آزاديءَ، پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت، پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب سان اٽوٽ انگ جي نشاني آهي. اتي هو ظلم، زور، زبردستي، ڏاڍ ڏهڪاءَ، جبر، غلامي ۽ سماجي ڪُنياءُ خلاف هڪ آواز ۽ آدرش آهي."[13] آزادي هن جو حق آهي.

ڪَريو مُهاڙ مَلِيرَ ڏي، اُپِيائِي آهي،
جا مَٽي ڏِنيَسِ مارُئين، سا لوئِي نہ لاهي،
سُومَرا! ساهي سَتِيءَ وِجُهہ مَ سَنگهَرُون.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سُر مارئي، داستان ۴، بيت ۹، ۲۰۰۵ع، ص:۵۲۳)

سماج ۾ هر عورت ايترن تہ خوفن ۾ وڪوڙيل رهي ٿي، جو اڄ جي باشعور معاشري کان، جمهوريت ۽ آزادي ۽ برابريءَ جهڙن عالمي حقن ۽ اختيارن وانگر، عورت فقط ۽ فقط پنهنجي حفاظت جو حق گهري ٿي. قانون ۽ مذهب ۾ عورت کي ملڪيت کان وٺي پنهنجي پسند جي ور چونڊڻ جو حق ۽ اختيار حاصل آهي. پر عملي زندگيءَ ۾ ائين نٿو ٿئي. سردارن، وڏيرن پيرن ۽ اميرن ۽ مُکين جي روپ ۾ موجود سماج جا رکوالا عورت کي هر لحاظ کان غير محفوظ بڻايو بيٺا آهن.[14] شاهه لطيف اهڙا منفي رويا رکندڙ ماڻهن خلاف جدوجهد ڪئي ۽ مارئيءَ جي ڪردار ۾ عورت جي عصمت ۽ پاڪائيءَ جي شاهدي ڏني.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## سسئي:

سسئي پنهون سان سچائيءَ سبب ڪائنس بنا پنيور ۾ ويهڻ ۽ رهڻ لاءِ ڪنهن به قيمت تي تيار نه ٿي، پريت پاڙيائين، پنهنجو حق نه ڀڄئين ۽ لطيف ڪي سسئي جي اها ادا وڻي ويئي. جنهن ڪري سسئي سجاڳيءَ جو ڪردار ۽ انسانيت جو روح بڻجي ويئي. ڪٽي رواج خلاف بغاوت جي جدوجهد جو علمبردار ثابت ٿي ۽ چوي ٿي.

’ڪهڙو ڏوهه ڪيوم، آري جي آڪاهَ جو!؟‘

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سماج ۾ مروج جڙتو قدرن ۽ روايتن جي خلاف بغاوت ڪري، ان جاءِ تي انسان جي برابريءَ واري اصولن لاءِ جدوجهد ڪئي. سماج ۾ عام مروج لوڪ داستانن جي ذريعي، انساني بنيادي حقن جي سجاڳي ۽ شعور ڏيڻ لاءِ عام هيناهين طبقي مان ڪردار ڪڍي، سجاڳي ۽ جدوجهد جي علامت بنائي پيش ڪيا آهن. سماج ۾ تبديليءَ لاءِ پهريون ڏاڪو ذهني سجاڳي ۽ عملي جدوجهد آهي.

سنڌي سماج ۾ ان لاءِ لطيف هڪ اهڙو ڪردار ڪڍي ٿو، جنهن کي گهٽ ذات سمجهي، انساني بنيادي حق کان محروم ڪري ڏکن ۽ ڏولائن جو ڏيهه ڏيکاريو وڃي ٿو. پر شاهه لطيف وٽ اهو سجاڳي ۽ جدوجهد جو بي مثال ڪردار بڻجي پيو آهي. اهو سسئيءَ جوڪردار آهي. سسئي شاهه لطيف جي واحد سورمي آهي، جنهن جي بهادري، پرعزم جدوجهد تي لطيف، پنج سر تخليق ڪيا آهن. انهن سيني سرن ۾ سسئيءَ جي جدوجهد، پنهل جي پويان پند ڪرڻ ۽ حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو تصور بيان ڪيل آهي. سسئيءَ کي شاهه لطيف پنهونءَ جي پويان پند ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿو. ان کي گهر ويهي رهڻ جي هدايت نه ٿو ڪري. مرداڻو سماج، عورت کي، اهي سور سختيون سهڻ ان جي تقدير جو لکيو سمجهي سهڻ تي مجبور ڪن ٿا. شاهه لطيف اهو انقلابي صوفي آهي. جيڪو سسئيءَ کي پيرن، هٿن، مونڊن، سان هلڻ جي هدايت ڪري ٿو.

هَٿين پيرين مُنَڊِيين، سِرِج ساهَ پَساهَ،
هوتُ گَڏِبُئِي حَبَ ۾ رَهَبَرُ مَٿي راهَ،
جان جان ساڻُءِ ساهَ، تہ پاڙِج ڪو مَ پُنهُونءَ سين.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر معذوري، داستان ۵، بيت ۵، ۲۰۰۵ع، ص:۳۶۰)





سسئيءَ جو پنهونءَ سان سڱ جائز آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ لطيف تتيءَ تتيءَ سسئيءَ کي هلڻ جي آڇ ڪري ٿو. ان جي همت، بهادري، وفاداري نڀائڻ جي عمل کي لطيف تصوف جي رنگ ۾ ڪٽي اچي ٿو. سسئيءَ ساجن ڪارڻ سڄ، رُڃ، اُڃ ۽ موت قبولڻ لاءِ تيار آهي. موت کي للڪاري ٿي تہ:

اُونچو اُتاهُون گهڻو، جيئڻَ کي جَبَلُ،
مَرَڻَ! مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر معذوري، داستان ۴، بيت ۹، ۲۰۰۵ع، ص:۳۵۷)

سسئيءَ جي اها حق جي لاءِ جدوجهد انساني حوصلي جو معراج آهي.

جڏهن تڏهن آهه، هلڻ منهنجو هوت ڏي.

## سهڻي:

سهڻي، شاهه لطيف جو اهو انقلابي ڪردار آهي، جنهن سماج سان ڪليل بغاوت ڪئي. شاهه لطيف ان جي بغاوت کي خراب نه ٿو سمجهي. پر ان جي بهادري ۽ بي ڊپائيءَ کي ساراهي ٿو. حق لاءِ ڪيل سنڌس جدوجهد کي شاهه لطيف جائز سمجهي ٿو. سهڻيءَ کي عزت بيگ جي بجاءِ سوٽ ڏم سان پرڻايو ويو. ان زور جي رشتي خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ شاهه لطيف سهڻيءَ جي حمايت ڪري ٿو. ان دور جي عورت ايتري باشعور آهي، جيڪا حق جي لاءِ آواز اٿاري ٿي. پر ڪيس دٻايو وڃي ٿو تہ اها سماج سان بغاوت ڪري ٿي. جيڪا شاهه لطيف جهڙي انقلابي صوفيءَ جي سجاڳيءَ واري سڏ جو پڙاڏو بڻجي پئي آهي. زبردستيءَ جي انهن رشتن ۾ لطيف ڏم کي ڪوڙو سمجهي ٿو.

گَهڙو پَڳو تہ گهورِيو، مَرُ چُورُ ٿِئي چُوڙو،
طالِبُ المَوليٰ مُذڪرُ، اِيءُ ٻُڌَندَنِ ٻُوڙو،
ڪوڙِهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مون مِيهارُ مَنَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سهڻي، داستان ۱، بيت ۱۷، ۲۰۰۵ع، ص:۲۲۱)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تنوير عباسي لکي ٿو: ”عام مروج اخلاقي قدرن موجب سهڻي ميهار سان ملڻ ڪري ناپاڪ ٿيو پوي، پر لطيف جي نظر ۾جي سهڻي ميهار سان نہ ٿي ملي، تہ ناپاڪ ٿيو پوي!. يعني جيئن عام ماڻهو سمجهن ٿا تہ سهڻي ميهار سان ملڻ ڪري، ناپاڪ ٿي ٿئي، ائين نہ آهي. سهڻي ناپاڪ تڏهن آهي، جڏهن هوءَ ساهڙ کان ڌار آهي. ان سان ملڻ ئي تہ هن جي لاءِ پاڪيزگيءَ جو سبب آهي، ان سان نہ ملڻ ناپاڪ. لطيف جي نظر ۾ محبت ئي هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو انسان کي پاڪ ڪري ٿو. سماج جي دٻاءَ هيٺ زبردستيءَ سان قبول ڪيل ميلاپ ناپاڪ آهي“[١٥] ان ڪري لطيف سهڻيءَ کي خبردار ڪندي صلاح ٿو ڏيئي، تہ اهڙي ناپاڪ ميلاپ کان موت کي ترجيح ڏي. اها سماجي قدرن خلاف بغاوت آهي. انقلابي تبديليءَ واري اها سوچ، شاهہ لطيف جي سوچ آهي.

ساهَڙَ ڌاران سُهڻي، نِسورِي ناپاڪَ،
نَجاسَتَ ناهِہ ڪَري، اُنِين جي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تَنِين پاڪَ ٿئي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر سهڻي، متفرق، بيت ٢، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٧٢)

شاهہ لطيف سهڻيءَ جي حق کي تسليم ڪندي نہ صرف سندس حمايت ٿو ڪري، بلڪ سندس بغاوت کي بُرو نٿو سمجهي! خود مذهب ۾ شريعت بہ نہ صرف مرد جو، پر عورت جو بہ اهو حق تسليم ڪري ٿي، تہ شاديءَ لاءِ سندن مرضي معلوم ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ هڪ ڌُر جي مرضيءَ خلاف شادي ڪرڻ جائز ناهي. لطيف سهڻيءَ جي معاملي ۾ سندس حمايت ان لاءِ ٿو ڪري، جو هو سندس مرضيءَ سان شادي ڪرڻ جي حق کي تسليم ٿو ڪري. انهيءَ حق کان انڪار جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ بغاوت کي فطري ۽ حقيقي ٿوڄاڻي، ان ڪري هو سهڻيءَ جي ميهار سان ملڻ ۾ ڪا بد اخلاقي نٿو سمجهي. بد اخلاقيءَ جو ثبوت تہ سهڻيءَ جي مائٽن ۽ سماج ڏنو، بد اخلاقي تہ ڏم جي ڇئجي. جو پرائي محبت تي ڌاڙو هنيائين. شاهہ لطيف جي ميهار سان ملڻ کي جائز قرار ڏيندي چوي ٿو تہ:

’اَلستُ‘ اَرواحَن ڪي، جَڏِهن چَيائُون،
مِيثاقان مِيهارَ سين، لَڏِيُون مون لائُون،





سومونٽي ڪيئن پاهُون، جو مَحفُوظان مَعافُ ٿِيو.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو‘، سر سهڻي، داستان ٦، بيت ۴، ٢٠٠٥ع، ص:٢۴٨)

لطيف پنهنجي دور جي سخت مذهبي ۽ جاگيرداري ماحول ۾ سهڻيءَ جي انهيءَ جرئت کي ساراهيو آهي. لطيف سهڻيءَ جي حق جي ڳالهہ ڪندي، عام طور عورت جي حق ۽ آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي. بلڪ ان مان عام ماڻهوءَ جي حق ۽ آزاديءَ جو مطلب بہ ڪڍي سگهجي ٿو. اها سندس انقلابي سجاڳيءَ واري سوچ هئي.“[١٦] جيڪو سهڻيءَ کي ڏم ڏي ڏسڻ بہ ڏوهہ سمجهي ٿو.

ڪَڇو، تان ڪوهُ، پَڪو نَظَرُ پِرِيَن جو،
ساهَڙُ منهنجو سُپِرين ، ڏَمَ ڏِنيئي ڏوهُ،
جي ڇَٽو، جي ڇوهُ، تہ پُورِينديَسِ پارَ مَٽي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو، سر سهڻي، داستان ٨، بيت ١٢، ٢٠٠٥ع، ص:٢٦١)

ٻئي بيت وري لطيف سهڻيءَ کي صلاح ڏئي ٿو تہ:

مَرِج وَٺِ ميهار، مَتان موٽين، سُهڻي!
ساهَڙَ جا سينگار، مَتان ڏَمَ ڏيکارِيين.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهہ جو رسالو‘، سرسهڻي، داستان ٩، بيت ۴، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٦٥)

بين الاقوامي سطح تي انساني حقن لاءِ ۽ خاص طور تي عورتن جي بنيادي حقن لاءِ جدوجهد ۽ سجاڳيءَ جو اهو سڏ لطيف وٽ ملي ٿو. اهو منفرد نظريو لطيف جهڙي انقلابي شاعر جو آهي. هڪ تہ لطيف پاران سر سهڻيءَ کي عظمت سان بيان ڪرڻ وڏي فڪري بغاوت آهي، جنهن ۾ لطيف، عشق کي تصوف جو رنگ ڏيئي، پنهنجي ترقيءَ پسنديءَ واري خيالن جو اظهار ڪيو آهي. سماج جن ماڻهن جي ڪردارن کي تڪراري قرار ڏنو آهي، لطيف انهن کي سماج ۾ سجاڳيءَ جي علامت بڻايو آهي. سهڻي، منصور ۽ شاهہ عنايت جي عشق کي هڪ سُر ۾ بيان ڪري، لطيف تاريخي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فڪري انقلاب آندو آهي. جيڪو لطيف جو شعوري طور سماج جي بغاوت ۾ ڪنيل سجاڳيءَ جو هڪ قدم آهي. ان جي لاءِ عشق لطيف جي رهنمائي ڪري ٿو. لطيف سچي عشق جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو تہ:

گِهڙي گَهڙو هَٿِ ڪري، ٻُھون نِھاري ٻَنگُ،
’سر در قدمِ يار فدا، چہ بجا شد‘ وَصلَ اِهوئِي وَنگُ،
راتِ جَنِين جو رَنگُ، اَلا! سي، اُڪارِيين،

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سُر سهڻي، داستان ١، بيت ١١، ٢٠٠٥ع، ص:٢١٩)

شاهہ لطيف، شاهہ عنايت جي فارسي بيت جي هڪ سٽ تضمين طور استعمال ڪئي آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. ’يار جي قدمن ۾ سر قربان ٿيو تہ چا ٿيو‘. اهڙي ئي هڪ انقلابيءَ جو شعوري طور لطيف هڪ بيت ۾ ذڪر ڪري ٿو. جنهن مان لطيف جو سماج بابت بغاوت جو فڪري مزاحمت ۽ انقلاب وارو نظريو واضح ٿئي ٿو.

سَيَتِ پَچارَ پِرِيَنِ جِي، سَيَتِ هوتَ حُضُورُ،
مَلڪُ مِڙو مَنصُورُ، ڪُهي ڪُهَندين ڪيتَرا؟

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سرسهڻي، داستان ٩، بيت ٢، ٢٠٠٥ع، ص:٢٦٥) و

لطيفي فڪر اهو واضح ڪري ٿو تہ، عشق جي نظر سماج جي نظر ڪان جدا ۽ الڳ آهي. اهي ٻئي هڪ ٻئي جو ضد آهن. سهڻي انقلابي عاشقياڻي آهي، جنهن ڪي دوڪي سان ڪچو دلو رکي ٻوڙي مارڻ جو رٿيو ويو. ٻئي انقلابي عاشق صوفي شاهہ عنايت شهيد ڪي صُلح جي بهاني، دشمنيءَ جي آڙ ۾ تلوار هيٺ آندو ويو ٿو. ٽئين انقلابي عاشق منصور حلاج ڪي وِڌي ٽُڪي ان جي عشق جو وزن ڪيو وڃي ٿو. پر عشق جو ڪنڌ ڪير بہ جهڪائي نٿو سگهي.

شاهہ لطيف، اهو واضح ڪيو تہ انهن مزاحمتي عاشقن جا انجام هڪ ئي جهڙا ٿيا آهن. اهي پنهنجي حق جي حقيقي نظريي ڪان هٽڻ وارا ڪردار نہ هئا. انهن جي انفراديت عشق سان سچائي آهي. انهن جو هڪ ئي نظريو آهي تہ:





اَڪِ اُلِٽِي ڏارِ، وَڻُ اُبَٽو عامَ سين،
جي لَهوارو لوڪُ وَهي، ٽُون اُوچو وَهُ اوڀارِ،
مَنجهان نوچَ نِهار، پُرُ پُٽِيرو پِرِينءَ ڏي.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سر آسا، داستان ٢، بيت ٢١، ٢٠٠٥ع، ص:١٣٧)

اهو انقلابي عشق، مطلب پرست ناهي، عشق قرباني ڏيڻ جو جذبو ۽ عشق روح جو سڏ، جيڪو هڪ انسان جو ٻئي انسان سان عظيم تعلق آهي. شاهہ لطيف انهن ڪردارن وسيلي ترقي ۽ جدت پسنديءَ، آزاداڻي فڪر ۽ صوفي ازم ڪي نقطو ٻڌائي مذهب ۾ بہ وسيع ذهن، وسيع نظر ۽ لامحدوديت جو عظيم نظريو ڏنو آهي.

لطيف وحدت الوجود جو قائل آهي. سندس سمورو ڪلام انهيءَ فڪر ۽ فلسفي جو مظهر آهي، جنهن جي معنيٰ ۽ مفهوم، جيڪي عام جي اڳيان ظهار ٿئي ٿو تہ سڀ ڪجھ هو آهي ۽ سڀ ڪجھ هن وٽان آهي. يعني همہ اوست، اهو اصول تصوف جو تت آهي. شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ جي سُرن جو تاڃي پيٽو تصوف جي اعليٰ علامتن جي خوبصورت ڌاڳن مان اُڻيو آهي. شاهہ لطيف تصوف ۽ ڪلاسيڪي شاعرن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. جو پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ثقافت، تهذيب و تمدن، ٻولي ۽ عوام جي احساسن ۽ اُمنگن جي ترجماني تصوف جي جديد فڪر سان ڪئي آهي.

روزا ۽ نَمازُون اِيءُ پُڻ چَڱو ڪَمُ،
اُو ڪو ٻيو فَهَمُ، جِنهِ ۾ پَسڻُ پِرِينءَ ڪي.

(بلوچ، نبي بخش خان، ’شاھ جو رسالو‘، سُر آسا، داستان ١، بيت ١٧، ٢٠٠٥ع، ص:٣٣٢)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ لطيف، نماز ۽ ٻين مذهبي عبادتن کي سٺو سمجهي ٿو، پر انسانيت جي ڀلائي ۽ بي لوث خدمت ئي اهو فهم آهي. جنهن سان خدا پرستي کي پسي سگهجي ٿو.

شاهہ لطيف ماڻهن کي هميشہ اها سجاڳي ڏئي ٿو تہ محبوب جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ مذهبي تنگ نظري ۽ تعصب واري خام خياليءَ ڪان هميشہ لاءِ پاسو ڪرڻو آهي. شاهہ لطيف اهڙن ماڻهن کي جيڪي مذهب کي ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تا، پوءِ انهن ۾ هندو هجي يا مسلمان. انهن کي نندي ٿو ۽ کين سجاڳ ڪري، حقيقت جو آئينو ڏيکاريو آهي.

الله کي انسان جي جيڪا عبادت پسند اچي ٿي، سا آهي انسان جو عبديت وارو حق ادا ڪرڻ. پنهنجي آقا جي حڪمن جي بجا آوري ڪرڻ. ان سان ئي کين خوشنودي حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ لاءِ انسان کي سمجهڻ گهرجي ته الله جا حق ڇا آهن؟ ۽ اهو سمجهندي هو پنهنجي بود کي نابود ڪري، يعني پنهنجي وجود ۽ هستيءَ کي نيست پنهنجي رب لاءِ ختم ڪري. پنهنجي انانيت کي ماري ۽ الله تعاليٰ جي حڪمن جي پورائي ڪري ۽ انهن ٻانهپ جو پورو حق ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي 'مان' کي ماري وجود وڃائي 'فنا في الله' ٿي. اهڙين منزلن تي پهچڻ لاءِ ڪيترن ئي اڙانگن مرحلن مان کين گذرڻو پوي ٿو. کين من جون سڌون مارڻيون پون ٿيون. نفساني خواهشن کي ختم ڪرڻو پوي ٿو. 'شريعت'، 'طريقت' ۽ 'معرفت' جون دشوار گذار ۽ صبر آزما منزلون طئي ڪرڻيون پون ٿيون. تڏهن 'حقيقت' کي رسي متن روحاني راز ڪُلن ٿا ۽ اهو سمجهڻ بہ ضروري آهي تہ پهرين ٽن منزلن تي رسڻ بنا 'حقيقت' تي پهچڻ ناممڪن آهي. ان لاءِ انهن اول 'فنا في الشيخ'، پوءِ 'فنا في الرسول' ۽ آخر ۾ 'فنا في الله' ٿي، معرفت جون اعليٰ منزلون ماڻيون آهن. جنهن لاءِ اهڙي سجاڳي ڏيندي شاهه لطيف فرمائي ٿو:

نابُودي نيئِي، عَبدَ کي اعليٰ ڪِئو،
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِئا، صُورَتِ پُڻ سيئِي،
ڪَبيِ اِتِ ڪيهِي، ڳالَهہ پريان جي ڳُجهَہ جي.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سرآسا، داستان ۱، بيت ۱۳، ۲۰۰۵ع، ص: ۷۰۷)

ان ڪري سندس سمورو ڪلام بحر بيڪران آهي. جنهن ۾هڪ ئي وقت وحدانيت، عشق رسول، عشق، حسن، جمال، جلال، فراق، وصال، اميري، غريبي، بک، غربت، محرومي، ناداني، سورهيائي، سچائي ۽ همہ اوست جا عالمگير نقطا سمايل نظر اچن ٿا. جنهن جي ذريعي شاهه لطيف قومي شعور جاڳايو ۽ انسانن کي منزلِ مقصود تائين رسائيءَ لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جو جذبو اڀاريو آهي.





شاهه لطيف انهن ڪردارن کي ساراهيو ۽ سموري شاعريءَ کي علامتن وسيلي پيش ڪيو آهي. شاهه لطيف رنگ، نسل، ذات پات کان مٿانهون ٿي، انسانيت کي اوليت ڏني آهي. جنهن سان او ڪو بيو فهم وارو فڪر اجاگر ٿئي ٿو. اهڙي سماج جي جوڙڻ جي جدوجهد ڪري ٿو، جنهن سماج ۾ ڪوئي ، ظالم جابر نہ هجي. ان سماج ۾ سسئي، مارئي ۽ سهڻيءَ جهڙيون ناريون آزادي ۽ امن سان، پيار ۽ محبت سان، حفاظت ۽ خوشحالي سان رهن. اهڙو پاڪ پيار وارو سماج لطيف جو آئيڊيل سماج آهي.

نَئُون نِياپو آئِيو، راڻي مُلا راتِ،
لَدِيسُون لَطِيفُ چي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ،
ڪِهڙي پُڇين ذاتِ، جي آئِيا، سي اگهِيا.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهه جو رسالو'، سر مومل راڻو، داستان ۹، بيت ۵، ۲۰۰۵ع، ص:۵۵۲)

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ انهن ڪردارن کي ساراهيو ۽ سموري شاعريءَ ۾ علامتون ٻڌايو آهي، جيڪي سجاڳي ۽ جدوجهد سان لوچي لهن ٿا. شاهه لطيف وٽ ڪنهن رنگ، نسل، ذات پات جو تصور نہ آهي. پر شاهه لطيف ان کان مٿانهون ٿي، انسانيت کي اوليت ڏني آهي. اهڙيءَ طرح انساني سماج ۾ انساني برابري ۽ پورهئي کي اهميت ڏيندي، سچي ڪلام ۾، انساني قدرن، انساني حقن انساني احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهه لطيف جو سمورو ڪلام، انسانيت جو آواز انساني بقاءَ ۽ ترقيءَ جو فڪري فلسفو آهي. اها شاهه لطيف جي عالمگيريت آهي. جو سنڌ جي خوشحاليءَ سان گڏ، سچي دنيا لاءِ سُڪر سڻائي، دعا ۽ اميد ڏيندڙ آهي. جنهن ۾ سچي انسانيت جي ڀلائيءَ جي خواهش ۽ فڪر سمايل نظر اچي ٿو. لطيف جو قومي فڪر، ذاتي مفاد تي ٻڌل نہ آهي. جنهن لاءِ تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب 'شاهه لطيف جي شاعري' ۾ پنهنجي خيال جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:
"لطيف جي تصور ڪيل سموري جدوجهد 'سُڪار واريءَ سنڌ' لاءِ آهي. اها سنڌ، جيڪا سچي عالم جي آباديءَ جو سبب بڻجي. لطيف جو قوميت Chauvinism نہ، پر بين الاقوامي خوشحاليءَ ڏانهن، هڪ انقلابي قدم آهي"(۱۷) جيڪو هن بيت ۾ لطيف چوي ٿو تہ:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سائين سَدائين، ڪَرين متي سنڌُ سُڪارَ،
دوستَ مِٺا دلِدار، عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

(بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاھ جو رسالو‘، سر سارنگ، داستان ۴، بيت ۲۳، ۲۰۰۹ع، ص: ۴۱۲)

## حوالا


۱. جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، ’شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۰ع، ص: ۳۵.

۲. ملڪاڻي، الطاف، ’تصوف عشق ۽ سائين جي ايم سيد‘، گلشن پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ۲۰۱۱ع، ص: ۱۸.

۳. جلال الدين اسيوطي وسم عبدالرحمٰن بن الڪمال بن الخضري السيوطي،’احادي للفتاوي‘، دارالفکر للطباعہ والنشر، سنہ انشر، ۱۴۲۴ھ-۲۰۰۲ع، ص:۲۸۸. حديث، ۸۸. www.islamweb.net.com

۴. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ’لطيف جو پيغام‘، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، ۱۹۸۹ع، ص:۶۵، ۶۴، ۶۲.

۵. ملڪاڻي، الطاف، ’تصوف عشق ۽ سائين جي ايم سيد‘، گلشن پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ۲۰۱۱ع، ص:۷.

۶. ڪوسو ايوب، ’سُهائي سُپرينءَ جي‘، سنڌيا پبليڪيشن، شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي، ۲۰۱۶ع، ص: ۶۶.

۷. سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر، ’سنڌي ثقافت ۽ شاھ لطيف‘، شاھ عبد اللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ۱۹۹۱ع، ص: ۲۴۲.

۸. شاھ، حسين مسرت، ’سرپورب، تاريخي جائزو‘، (مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي) ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۱۱ع، ص:۸۱.

۹. ابڙو آفتاب، ’شاھ لطيف بحيثيت مفڪر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ۱۹۹۳ع، ص:۴۲.

۱۰. ساڳيو، ص: ۴۳.

۱۱. ابڙو بدر، ’سنڌ جو شاھ‘، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۲۰۰۰ع، ص: ۱۰۳.

۱۲. آريسر، عبدالواحد، ’وريا واهرو‘، وائيس آف سنڌ اي-بڪ پبليشر، ص: ۴۲.







۱۳. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساڄاھ‘، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ۲۰۰۵ع، ص:۱۵۱.

۱۴. ڀٽو، سليم، لطيفي،’هھڙا سيڻ سڏير‘، ڄامشورو، ڀٽائي لٽرري ايجوڪيشنل اينڊ سوشل ويلفيئر سوسائٽي، ۲۰۰۲ع، ص:۹۸.

۱۵. عباسي، تنوير ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف جي شاعري‘، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، ۲۰۰۰ع، ص:۹۸.

۱۶. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ‘، ڀٽ شاھ، ثقافتي مرڪز، ۱۹۹۳ع، ص: ۳۱۸.

۱۷. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف جي شاعري‘، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، ۲۰۰۰ع، ص:۹۴.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

Shah Abdul Latif Bhitai Chair